SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XV OF 1994

سنڌ نجي استادن جا تربيتي ادارا (رجسٽريشن ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1994

THE SINDH PRIVATE TEACHERS TRAINING INSTITUTIONS (REGISTRATION AND CONTROL) ACT, 1994

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definition

3. رجسٽريشن کانسواءِ ادارو قائم ڪرڻ يا جاري رکڻ خلاف منع نامو
Prohibition against establishing or continuing institution without registration

4. رجسٽريشن وغيره لاءِ درخواست
Application for registration etc

5. نجي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment and continuance of private institution

6. سرٽيفڪيٽ ملتوي ڪرڻ يا رد ڪرڻ

Suspension or cancellation of certificate

7. اپيل

Appeal

8. ڏنڊ

Penalty

9. ڏوهه تي ڪارروائي جو اختيار

Cognizance of offence

10. اثرانداز ٿيڻ

Overriding effect

11. ضمانت

Indemnity

12. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

13. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريہ 1994

SINDH ACT NO.XV OF 1994

سنڌ نجي استادن جا تربيتي ادارا (رجسٽريشن ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1994

THE SINDH PRIVATE TEACHERS TRAINING INSTITUTIONS (REGISTRATION AND CONTROL) ACT, 1994

[27 جولاءِ 1994]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ نجي استادن جي تربيتي ادارن جي ڪم کي باقاعده بڻايو ويندو.

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ نجي استادن جي تربيتي ادارن جي ڪم کي باقاعده بڻائڻ ۽ انهن تي نظرداري ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهڙن ادارن جي رجسٽريشن ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ نجي استادن جا تربيتي ادارا (رجسٽريشن ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ رهيل گنجائشون اهڙي تاريخ کان لاڳو ٿينديون، جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ واضح ڪري.

وصفون

Definition

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "سرٽيفڪيٽ" مطلب هن ايڪٽ تحت جاري ڪيل رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "ادارو" مطلب اهو نجي ادارو جنهن به نالي سان سڏيو وڃي، جيڪو شاگردن کي استاد طور مقرري لاءِ تعليم ۽ تربيت ڏئي رهيو هجي؛

(d) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(e) "رجسٽريشن اٿارٽي" مطلب ڊائريڪٽر، بيورو آف ڪيوريڪولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ، سنڌ ڄامشورو ۽ جنهن ۾ شامل آهي ڪو شخص جيڪو هن ايڪٽ تحت رجسٽريشن اٿارٽي جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي؛

(f) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

قائم ڪرڻ خلاف منع نامو يا رجسٽريشن ڪانسواءِ ادارو جاري رکڻ

Prohibition against establishing or continuing institution without

3. هن ايڪٽ جي گنجائشن ڪانسواءِ ڪو به ادارو قائم ڪيو يا هلايو نه ويندو.

registration

رجسٽريشن وغيره لاءِ درخواست

Application for registration etc

4. (1) ڪو شخص جيڪو ادارو قائم ڪرڻ جو خواهشمند هجي ۽ ڪو شخص جيڪو اڳواٽ موجود اداري کي اهڙيءَ ريت جاري رکڻ جو خواهشمند هجي، اهو رجسٽريشن اٿارٽي کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب بيان ڪيل رجسٽريشن فيي ۽ ڪاغذن سان گڏ درخواست ڏئي سگهي ٿو.

(2) رجسٽريشن اٿارٽي، درخواست ملڻ تي، ان طرفان مقرر ڪيل هڪ جاچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي ذريعي جاچ ڪرائيندي، ان سلسلي ۾ پنهنجو پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ته:

(a) عمارتون ۽ احاطا صحت سان لاڳاپيل سموريون سهولتون مهيا ڪندا؛

(b) اسٽاف بيان تعليمي قابليت رکندو ۽ ڪافي هوندو ۽ ان کي مناسب ادائگي ڪئي ويندي؛

(c) اوڳاڙيون ويندڙ فيس فراهم ڪيل سهولتن جي ابتڙ نه هونديون؛

(d) اهو مڃڻ جو ڪو به سبب ناهي ته ادارو اٽوٽندڙ طريقيڪار موجب هلايو ويندو يا غير موزون ماڻهن طرفان هلايو ويندو؛

(e) اهو ته فرنيچر ۽ سامان موزون آهن؛ ۽

(f) داخلائن ۽ تربيتي پروگرام جون گهرجون ۽ شرطون بشمول پڙهائي جا ڪورسز، انهن تي درآمد، پڙهائي جيئن رجسٽريشن اٿارٽي طرفان وقت بوقت طئي ڪئي وڃي، ان تي عمل ڪيو ويندو ۽ ان جو پورائو ڪيو ويندو.

(3) جاچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي طرفان رپورٽ ملڻ تي،

جيڪڏهن رجسٽريشن اٿارٽي، ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل معاملن جي سلسلي ۾:

(a) مطمئن آهي تہ، اها ڄاڻايل طريقيڪار موجب سرٽيفڪيٽ جاري ڪندي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن اها لاڳو ڪرڻ چاهي ۽ ڄاڻايل طريقيڪار موجب اداري کي"نجي استادن جو تربيتي ادارو" طور رجسٽر ڪندي، جنهن جي سلسلي ۾ درخواست ڪئي وئي آهي، ۽ سرٽيفڪيٽ تي رجسٽريشن جي حقيقت جي توثيق ڪندي؛

(b) جيڪڏهن مطمئن نہ آهي تہ، اها سرٽيفڪيٽ کان انڪار ڪندي؛ بشرطيڪ اهو تہ جيڪڏهن کوٽ ٿوري آهي يا ختم ڪري سگهجي ٿي، سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کان تيستائين انڪار نہ ڪيو ويندو جيستائين درخواست گذار کي مناسب وقت دوران کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ لکت ۾ نوٽيس نہ جاري ڪيو وڃي ۽ جيستائين اهو ان نوٽيس تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام نٿو ٿئي.

(4) رجسٽريشن اٿارٽي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ يا سرٽيفڪيٽ کان انڪار ڪرڻ جا سبب رڪارڊ ۾ رکندي.

(5) اهو شخص جنهن کي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي، اهو هن ايڪٽ جي گنجائشن، قاعدن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جو پابند هوندو، جيڪڏهن کي هجن، جن تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي.

نجي اداري جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment

5. (1) ادارو جيڪو اڳواٽ موجود نہ هجي اهو فقط دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) تحت سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ کانپوءِ قائم ڪيو ويندو.

and continuance of private institution

(2) اڳواٽ موجود ادارو جنهن ان سلسلي ۾ هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٿيهن ڏينهن اندر دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) تحت درخواست ڪئي آهي، اهو درخواست جي التوي ۾ هجڻ تائين جاري رکي سگهندو پر سرٽيفڪيٽ کان انڪار ٿيڻ تي فوري طور بند ڪيو ويندو.

(3) ادارو جيڪو اڳواٽ موجود هجي، جنهن هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي ٿيهن ڏينهن دوران دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) تحت ڪا درخواست نہ ڏني هجي، اهو اهڙو عرصو ختم ٿيڻ بعد جاري نہ رهي سگهندو.

سرٽيفڪيٽ ملتوي ٿيڻ يا رد ٿيڻ

Suspension or cancellation of certificate

6. دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) تحت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رجسٽريشن اٿارٽي طرفان اهڙي جاچ يا پڇا ڳاڇا بعد ملتوي يا رد ڪري سگهجي ٿو جيئن اها مناسب سمجهي، اها مطمئن آهي تہ ڪجهہ هن ايڪٽ جي گنجائشن يا قاعدن يا شرطن ۽ ضابطن جي ٽڪراءَ ۾ آهي: بشرطيڪ سرٽيفڪيٽ لاڳاپيل ماڻهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ ملتوي يا رد نہ ڪيو ويندو.

اپيل

Appeal

7. جيڪڏهن رجسٽريشن اٿارٽي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (3) تحت سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي، يا اهڙيءَ ريت جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ ملتوي يا رد ڪري ٿي، درخواست گذار يا سرٽيفڪيٽ رکندڙ رجسٽريشن اٿارٽي جي حڪم واري تاريخ جي ٿيهن ڏينهن دوران حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ رجسٽريشن اٿارٽي طرفان ان تي عمل ڪيو ويندو.

ڏنڊ

8. جيڪو بہ ڪو بہ ادارو بنا رجسٽريشن جي هلائي ٿو اهو

قيد جي سزا جو مستحق هوندو جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.	Penalty
9. ڪنهن به عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهه تي ڪارروائي جو اختيار نه هوندو سواءِ ان جي ته رجسٽريشن اٿارٽي يا ان طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل ڪنهن عملدار طرفان لکت ۾ شڪايت نه ڪئي وڃي ۽ ڪا به فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ کان گهٽ عدالت اهڙي ڏوهه تي ڪارروائي نه ڪندي.	ڏوهه تي ڪارروائي جو اختيار Cognizance of offence
10. هن ايڪٽ جون گنجائشون وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون يا ڪنهن معاهدي، انسٽرومينٽ، آرٽيڪلس آف ايسوسيئيشن، ڊيڊ يا ڪنهن ٻئي دستاويز تي اثرانداز نه ٿينديون.	اثرانداز ٿيڻ Overriding effect
11. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي جي سلسلي ۾ حڪومت، رجسٽريشن اٿارٽي يا ان سلسلي ۾ ڪنهن ٻئي شخص خلاف ڪو ڪيس يا ڪا قانوني ڪارروائي نه ٿيندي.	ضمانت Indemnity
12. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.	قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules
13. سنڌ پرائيويٽ ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوشنز (رجسٽريشن اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1994 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.	منسوخي Repeal

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.